ولي محمد شاھ

# مرزا قليچ بيگ جي سنڌ جي تذڪره نويسيءَ جو تحقيقي جائزو

# A Critical Analysis of Mirza Kalich Beg's Hagiography Writing of Sindh

***Abstract:***

*There have been many historians, scholars, writers and poets who have rendered innumerable services to Sindhi literature, history, science, stories and writings. Mirza Kalich Beg dedicated his life to Sindhi language and literature and he spent his entire conscious life working for knowledge and literature. Working alone as one person, one movement and one institution.He gave 461 books on literature and knowledge and laid the foundations of many buildings of Sindhi literature, on which the city of Sindhi literature has been built.*

*Shams-ul-Ulama Mirza Kalich Beg Sahib has written 08 books on Sindh hagiographies, including (1) Famous Cities and People of Sindh (2) Stars of Ancient Sindh (3) Khan Bahadur Hassan Ali Afandi (4) Shah Abdul Latif Bhittai in Sindhi language (5) of Shah Abdul Latif Bhittai in English language (6) Accounts and Obituaries of Syed Sabit Ali Shah (7) Memories of Mirza Khusru Beg in English (8) Gurji Mirza Farid Beg.*

سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترائي مورخ، عالم، اديب ۽ ڏاھا ٿي گذريا آھن، جن سنڌي ادب، تاريخ، سائنس، ڪھاڻين توڙي تذڪره نويسيءَ ۾ بيشمار خدمتون سر انجام ڏنيو آھن. انھن مورخن، اديبن ۾شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب پنھنجو مٽ پاڻ ھو. مرزا صاحب متعلق پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگھيو لکيو آھي تہ مرزا قليچ بيگ پنھنجي زندگي، سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ وقف ڪري ڇڏي ۽ ھن پنھنجي شعور واري سڄي حياتي علم ۽ ادب لاءِ ڪم ڪندي گذاري. ھڪڙي شخص، ھڪ تحريڪ ۽ ھڪ اداري جيان اڪيلي سر ڪم ڪري ادب ۽ علم بابت 461 ڪتاب ڏيئي سنڌي ادب جي ڪيترين ئي عمارتن جا ُبنياد وڌا جن تي اڄ جي سنڌي ادب جو شھر آباد ٿيو آھي(1)

---

• ليڪچرر، مسلم ھسٽري شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب جا سنڌ جي تذڪره نويسيءَ تي 08 عدد ڪتاب لکيل آهن جن ۾ (1) سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڻهو (2) قديم سنڌ جا ستارا (3) خانبهادر حسن علي آفندي (4) شاهه عبد اللطيف ڀٽائي جو احوال سنڌيءَ ۾ (5) شاهه عبد اللطيف ڀٽائي جو احوال انگريزيءَ ۾ (6) سيد ثابت علي شاهه جو احوال ۽ مرثيه (7) ميموريز آف مرزا خسرو بيگ انگريزيءَ ۾ (8) مرزا فريدون بيگ گرجي انهن ڪتابن جو مختصر اڀياس هيٺ ڏجي ٿو.

**1. قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو:**

شمس العماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب جي لکيل ڪتاب ”قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“ تذڪره نويسي جي لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو، هن ڪتاب ۾ مرزا صاحب قديم دور کان وٺي سندس دور تائين تقريباً سنڌ جي سمورن شهرن جي تاريخ ۽ اهميت بيان ڪئي آهي. ان مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته جيڪي سنڌ جا شهرقديم دور ۾ سنڌ ۾ هئا انهن جا نالا ڪهڙا هئا انهن جو بُنياد ڪيئن پيو ۽ انهن شهرن ۾ ڪهڙا ماڻهو رهائش پذير هئا. انڪانسواءِ مرزا صاحب هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مشهور شخصيتن، عالمن، فاضلن، ليکڪن، شاعرن، وزيرن، درويشن، بزرگن جو احوال قلمند ڪيو آهي، مرزا صاحب هن ڪتاب ۾ قديم سنڌ ۽ سندن دور وارن فرقن ۽ شجرن کي به قلمند ڪيو آهي.

مرزا صاحب هن ڪتاب لکڻ ۾ تمام گهڻي محنت ۽ مشقت ڪئي آهي، پاڻ هي ڪتاب لکڻ لاءِ سنڌ جي اهم تاريخي ڪتاب جهڙوڪ: چچ نامو، تاريخ معصومي، بيگلار نامه، تاريخ طاهري، فريئر نامه ۽ تحفت الڪرام مان مدد وٺي انهن جا بيان نقل ڪيا آهن. مرزا قليچ بيگ صاحب هن ڪتاب متعلق لکيو آهي ته ”سنڌ جي جن ماڻهن کي فارسي ۽ انگريزي نٿي اچي“، تن لاءِ هي ڪتاب تمام گهڻو ڪمائتو ثابت ٿيندو.(2)

**2. قديم سنڌ جا ستارا:**

سنڌ جي تذڪره نويسيءَ ۾ ٻيو نمبر مرزا صاحب جو ڪتاب آهي ”قديم سنڌ جا ستارا“ هن ڪتاب ۾ مرزا صاحب انگريز دور کان هڪ صدي اڳ جي سنڌ جي ستارن يعني عالمن، صوفين ۽ بزرگن جو احوال قلمبند ڪيو آهي، هي ڪتاب مرزا صاحب جي اڳ لکيل ڪتاب ”قديم سنڌ ۽ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“ سان ملندڙ جلندڙ آهي، پر مرزا صاحب جو هي ڪتاب هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو، هن ڪتاب ۾ ڇهانوي ڪتابن جا نالا ۽ هڪ سئو ايڪيتاليهه مشهور

شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن مان اسان کي ڄاڻ ملي ٿي تہ پراڻي وقت ۾ سهڻي سنڌ ۾ ڪيترائي عظيم بزرگ، اولياءُ، ليکڪ، دانشور ۽ عالم ٿي گذريا آهن.

شمس العماءِ مرزا قليچ بيگ صاحب هن ڪتاب جي اهميت جي باري ۾ لکيو آهي تہ "سنڌ ۾ اڳي ڪيترا نہ ناميارا ماڻهو مشهور ٿيا آهن ۽ سچ پچ اهي سنڌ جا چمڪندڙ تارا آهن، انهن تي اسان کي فخر ڪرڻ جو سبب آهي".(4)

هي ڪتاب ڪل ڇهن فصلن تي مشتمل آهي جن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

فصل پهرين ۾ مرزا صاحب روهڙي، بکر ۽ ان جي آسپاس جي بزرگن ۽ مشهور ماڻهن جو احوال لکيو آهي.

فصل ٻئين ۾ لاڙڪاڻي، سيوهڻ ۽ ان جي پرواري عالمن ۽ بزرگن جو احوال لکيو آهي.

فصل ٽئين ۾ حيدرآباد، نصرپور، هالا ۽ درٻيلو جي آس پاس جي صوفين بزرگن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

فصل چوٿين ۾ ڪوهستان، ڪڪرالہ ۽ ساڪره جي بزرگن جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.

فصل پنجين ۾ ٺٽي، مڪلي ۽ ان جي اردگرد جي صوفين، بزرگن ۽ مشهور شخصتين جو احوال لکيو آهي.

فصل ڇهين مرزا صاحب سنڌ جي متفرقہ عالمن، بزرگن، صوفين، فاضلن، مصنفن ۽ شاعرن جو احوال قلمبند ڪيو آهي.

هي ڪتاب مرزا صاحب 1923ع ۾ لکيو هو. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران 1966ع ۾ ڇپايو ويو، هي ڪتاب 68 صفحن تي مشتمل آهي، هن ڪتاب جي آخر ۾ مرزا صاحب سنڌ جي مشهور خاندانن جو شجرو بہ لکيو آهي.

### 3. خانبهادر حسن علي آفندي مرحوم (سوانح حيات):

سوانح حيات ڪنهن مشهور بادشاهہ بزرگ يا عالم يا ڪنهن مشهور شخصيت جي لکي ويندي آهي، ڪي تہ پنهنجي سوانح حيات پاڻ لکندا آهن، جهڙي طرح مرزا صاحب سندس سوانح حيات "سائوپن يا ڪاروپنو" ۽ "يادگيريون" لکيو. اهڙي طرح خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي سوانح حيات مرزا صاحب لکي آهي. مرزا صاحب کي ان جي سوانح حيات لکڻ ۾ ڪابہ مشڪل پيش نہ آئي ڇاڪاڻ تہ مرزا پاڻ ڪافي وقت ساڻس سان گڏ گذاريو هو ۽ سندن

خاندان سندس عادتن ۽ خوبين مان چڱي طرح واقف هو، هي ڪتاب مرزا صاحب 1924ع ۾ لکيو جيڪو پهريون ڀيرو 1925ع ۾ حيدرآباد پريس مان ڇپجي پڌرو ٿيو، ڪتاب ڪل اٺن بابن تي مشتمل آهي جنهن احوال هيٺ ڏجي ٿو.

باب پهريون "وڏو ماڻهو ڪنهن کي چئجي"

هن باب ۾ مرزا صاحب وڏي يا چڱي ماڻهوءَ جي خوبين کي بيان ڪيو آهي ۽ ان ۾ ڏاهن جا قول پڻ لکيا آهن.

باب ٻيون "وڏا مائٽ ۽ عزيز خويش"

هن باب ۾ مرزا صاحب خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي وڏڙن جو احوال ۽ سندن پيدائش ۽وفات کي قلمبند ڪيو آهي.

باب ٽيون: "ننڍپڻ ۽ جواني جا ڏينهن"

هن باب ۾ مرزا صاحب خانبهادر حسن علي آفندي جي ننڍپڻ تعليم ۽ جواني جي ڏينهن جو احوال لکيو آهي.

باب چوٿون "وڏا ڪم ۽ لقب"

هن باب ۾ مرزا صاحب حسن علي آفنديءَ جي اهم ڪمن، ڪيسن ۽ مئجسٽريٽ سنڌ مدرسته السلام قائم ڪرڻ دوران پيش ايندڙ واقعات تي روشني وڌي آهي.

باب پنجون: "ڪي همعصر ۽ معزز ماڻهو"

هن باب ۾ مرزا صاحب حسن علي آفنديءَ جي همعصر شخصيتن جو ذڪر ڪيو آهي.

باب ڇهون: "پڇاڙيءَ جا ڏينهن ۽ وفات"

هن باب ۾ مرزا صاحب حسن علي آفنديءَ جي پڇاڙي وارن ڏينهن ۽ وفات جو احوال لکيو آهي.

باب ستون: "اولاد"

هن باب ۾ مرزا صاحب حسن علي آفنديءَ جي اولاد متعلق احوال قلمبند ڪيو آهي.

باب اٺون "شڪل شباهت، هلت چلت، دنياوي حالت وغيره"

هن باب ۾ مرزا صاحب حسن علي آفنديءَ جي زندگي ۽ دنيا سان اٿڻي ويهڻيءَ جو احوال لکيو آهي.

هن ڪتاب جي اهميت جي باري مرزا صاحب لکي ٿو ته ”اهڙڻ ماڻهن جي حياتي جو احوال عام خلق جي لاءِ نهايت مفيد آهي، جو هو انهن جي لاءِ هدايت ۽ مثال ٿي ٿا سگهن“. (5)

### 4. شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو احوال سنڌيءَ ۾:

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب سنڌ جي عظيم بزرگ شاه عبد اللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ ۽ شاعري جو احوال لکيو آهي، مرزا قليچ بيگ صاحب شاه سائين جي فڪر ۽ خيالن سان گهري دلچسپيءَ سان تحقيق ڪري هي ڪتاب مرتب ڪيو آهي.

هن ڪتاب جي باري ۾مشهور اديب عبدالعزيز عقيلي لکي ٿو ته ”حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي سوانح، فڪر ۽ پيغام تي جديد انداز ۾ سڀ کان اول جن شخصيتن تحقيقي ڪم ڪيو انهن ۾ وقت جو وڏو محقق، اديب ۽ مترجم شمس العلماءِمرزا قليچ بيگ به شامل آهي“.(6)

هي ڪتاب مرزا صاحب 1885ع ۾ لکيو جيڪو پهريون ڀيرو 1897ع ۾ پوڪرادس تاجر ڪتب شڪارپور پاران شايع ٿيو، هي ڪتاب 181 صفحن ۽ 10 بابن تي مشتمل آهي، جن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

- باب پهرين ۾ مرزا صاحب شاه عبداللطيف جي سوانح حيات بيان ڪئي آهي.
- باب ٻئين ۾ شاه عبداللطيف جي مريدن ۽ سير سفر جو احوال لکيو ويو آهي.
- باب ٽئين ۾ شاه عبد اللطيف جي شاه عبدالڪريم جي روزو جوڙائڻ ۽ شاه حبيب جي وفات جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.
- باب چوٿين ۾ ميان غلام محمد ڪلهوڙي جي جمڻ، شاه عبداللطيف جي آخري ڏينهن ۽ وفات جو احوال لکيو ويو آهي.
- باب پنجين ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي شڪل، شباهت، هلت، چلت جي باري ۾ بيان قلمبند ڪيو ويو آهي.
- باب ڇهين ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي راڳ، عشق، نيڪ ڪمن ۽ ڪرامتن جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.
- باب ستين ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي جڙن جو احوال لکيو ويو آهي.
- باب اٺين ۾ شاه عبداللطيف جي علم تصوف، قرآن حديث جي شاهدين بابت احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.
- باب نائين ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي سرن جو احوال لکيو ويو آهي.

• باب ڏهين ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رومانوي سرن جو تفصيل بيان ڪيو ويو آهي.

مرزا صاحب جي لکيل هن ڪتاب کي پڙهڻ سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگيءَ جي احوال ۽ شاعري کان اسين چڱي طرح واقف ٿي سگهون ٿا.

### 5. لائف آف شاهه عبداللطيف ڀٽائي انگريزيءَ ۾:

شمس العلماء مرزا صاحب سنڌيءَ کان اڳ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو احوال انگريزيءَ ۾ به لکيو هو، ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪيتري وڏي شخصيت هئي ۽ مرزا صاحب جي شاهه سائين سان ڪيتري محبت هئي.

هن ڪتاب بابت سابق ڊائريڪٽر شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر پروفيسر نُور افروز خواجه لکيو آهي ته "مرزا صاحب جي جاکوڙ سندس دوستن ۽ ساٿين کي ڏاڍو متاثر ڪيو، چاڪاڻ ته پاڻ سنڌي ادب جي هر پهلوءَ تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن".(7)

هن ڪتاب جي باري ۾مشهور اديب ۽ دانشور ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته "مرزا صاحب شاهه جي رسالي جو ڪيترن ئي پهلوئن سان مطالعو ڪيو آهي، ۽ هي ڪتاب مرزا صاحب 1887ع ۾ لکيو، جيڪو پٽ شاهه ڪلچر ڪميٽيءَ پاران 1980ع ۾ ڇپيو".(8)

مرازا صاحب جو هي ڪتاب به شاهه عبداللطيف جي بابت سنڌي ڪتاب وانگر 10 بابن تي مشتمل آهي، هي ڪتاب ڪل 144 صفحن تي ٻڌل آهي، هن ڪتاب کي انگريزيءَ ۾ لکڻ جو مقصد مرزا صاحب جو اهو هو ته سنڌ توڙي ٻاهرين ملڪن ۾ وڏ کان وڏ ماڻهو شاهه عبد اللطيف ڀٽائيءَ جي زندگي ۽ ڏنل پيغام کان واقف ٿي سگهن.

### 6. مرزا فريدون بيگ گرجي:

مرزا فريدون بيگ جي گرجي نالي سان ڪتاب مرزا قليچ بيگ صاحب هڪ ڪتاب لکيو، جيڪو 1984ع ۾ مرڪز تحقيقات فارسي ايران، پاڪستان طرفان 1984ع ۾ اسلام آباد مان شايع ٿيو، هن ڪتاب بابت مرزا صاحب لکيو آهي ته "وڏا مائٽ به ٿيندا، هڪڙو ڏاڏو ٻيو نانو يعني هڪڙو پيءُ ۽ ٻيو ماء جو پيءُ منهنجي پيءُ جو نالو مرزا فريدون هو، مگر منهنجي ڏاڏي جي مونکي خبر ڪانهي ۽ نه ئي منهنجي پيءُ کي انهيءَ جي نالي جي خبر هئي.

منهنجي ناني جو نالو مرزا خسرو بيگ هو، منهنجي والد جو احوال سندس زباني مون فارسيءَ ۾ لکيو آهي“.(9)هن ڪتاب ۾ مرزا صاحب جي خاندان جي رهڻي ڪهڻيءَ جا ويهه اهم نڪتا لکيل آهن، ان مان ثابت ٿئي ٿو مرزا فريدون بيگ گرجي جو پنهنجي خاندان جي فردن لاءِ هڪ نصيحت نامو آهي، هي ڪتاب نه صرف مرزائن جي خاندان لاءِ بلڪه عام ماڻهن لاءِ به زندگي گذارڻ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو.

ان ڪان سواءِ مشهور تاريخدان ۽ ليکڪ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب فريدون بيگ گرجي تي هڪ مقالو لکيو جيڪو پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مرزا قليچ بيگ تي ٿيل عالمي ڪانفرس 3 ۽ 4 آڪٽوبر 2009ع تي پڙهيائون، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب چيو ته ”منشور فريدون بيگ گرجي مرزا قليچ بيگ جي والد جي باري ۾ چاڻ سان گڏ هن مختصر ڪتاب ۾ فريدون بيگ جون نصيحتون ۽ هدايتون ڏنيون ويون آهن“.(10)

### 7. سيّد ثابت علي شاهه جو احوال ۽ مرثيو:

سيد ثابت علي شاهه سنڌ جو عظيم شاعر ۽ اديب هو، سيد ثابت شاهه جا مرثيه تمام گهڻا مشهور آهن. مرزا قليچ بيگ صاحب خود فقه جعفرايه سان تعلق رهندو هو ۽ عزاداري جي رسم پڻ ادا ڪندو هو. ان عزاداريءَ ۾ سيد ثابت علي شاهه جا مرثيه چيا ويندا هئا. ان ڪان متاثر ٿي مرزا صاحب سيد ثابت علي شاهه علي جو احوال ۽ مرثيو لکيو. هي ڪتاب ڇٽن پاڱن تي مشتمل آهي، هي ڪتاب پهريون پيرو هريسنگهه اينڊ سنز ڪتب خانه سکر مان 1925ع ۾ شايع ٿيو.

مرزا صاحب هن ڪتاب جي باري ۾ لکيو آهي ته ”سيد ثابت علي شاهه سنڌ جي شاعرن مان هڪڙو مشهور شاعر هو، هن جا مرثيه مشهور آهن، ۽ هر سال عاشوري جي ڏينهن ۾ حيدرآباد، خيرپور ۽ سنڌ جي گهڻن بين پاڱن ۾ ماڻهو پڙهندا آهن، ۽ ماتم ڪندا آهن، مگر گهڻن ماڻهن کي ان جي احوال جي ۽ ان جي بئي شعر جي خبر نه هوندي، تنهن ڪري مون مناسب سمجهيو ته هن جو مختصر احوال، سنڌ جي ماڻهن لاءِ پڌرو ڪجي“.(11)

مرزا صاحب جي هن ڪتاب جي مشهور ليکڪ عبدالقيوم صاحب تنقيد ڪندي لکي ٿو ته ”مرزا صاحب، سيد ثابت علي شاهه جي زندگيءَ جو احوال لکندي، انهن تواريخي حقيقتن ۽ غلطين طرف گهٽ توجه ڏنو آهي، مرزا قليچ بيگ صاحب ثابت علي شاهه جي شاعريءَ تي فني لحاظ کان ڪنهن به طرح روشني نه وڌي آهي“. (12)

پر ان هوندي مرزا صاحب جو هي لکيل ڪتاب بنيادي حيثيت رکي ٿو، ڇاڪاڻ تہ مرزا صاحب پهريون ليکڪ هو جنهن سيد ثابت علي شاهہ تي تحقيق ڪري ڪتاب مرتب ڪيو، ڪو بہ ليکڪ سيد ثابت شاهہ جي باري ۾ مرزا صاحب جي هن لکيل ڪتاب کان سواءِ ثابت علي شاهہ تي وڌيڪ تحقيق نٿو ڪري سگهي. ڏٺو وڃي تہ تذڪره نويسيءَ ۾ مرزا صاحب نهايت اهم موضوعن تي قلم ڪنيو آهي. خاص طور تاريخ ۽ مختلف شخصيتن تي هن نهايت اهم معلومات ڏني آهي، هي ڪتاب وڌيڪ تحقيق لاءِ بنيادي ماخذن جو ڪم ڏين ٿا.

**حوالا:**


1. سنڌي زيب "ڪيفي قليچ" شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2009ع، ص: 07.
2. بيگ مرزا قليچ "قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1981ع، ص:10.
3. ساڳيو، ص :03
4. بيگ، مرزا قليچ "قديم سنڌ جا ستارا"سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1981ع، ص: 02.
5. بيگ، مرزا قليچ "خان بهادر حسن علي آفندي" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص: 03.
6. بيگ، مرزا قليچ "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2013ع. ص:09.
7. بيگ، مرزا قليچ "لائف آف شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2013ع. ص: 09.
8. ساڳيو. ص:14.
9. بيگ، مرزا قليچ، "سائو پن يا ڪارو پنو"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2012ع ص: 01.
10. لاکو، غلام محمد، ڊاڪٽر"منشور مرزا فريدون بيگ گرجي" مرزا قليچ بيگ جون خدمتون، انٽرنيشل ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2009ع ص: 169.
11. بيگ مرزا قليچ "سيد ثابت علي شاهہ جو احوال ۽ مرثيہ"هرسينگهہ ائنڊ سنز ڪتبخانہ سکر 1925ع، ص:01.
12. صائب، عبدالقيوم "سيد ثابت علي شاهہ شخصيت ۽ شاعري" محفل نجف، روشن جو پڙ، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد 2002ع ص: 12.